# ادب

ڊاڪٽر مهر خادم

# شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ تصوف

***Abstract:***

*Sindh is a land of mystic poets. Shah Abdul Latif Bhittai, Sachal Sarmast, Bedil and other mystic poets have chosen it to express their inner most thoughts in the form of mysticism. Mysticism is an attitude which purifies dirt, eradicates jealousy and other negative practices from human heart. Shaikh Ayaz, a great modern poet of the 20th century, also heralds mysticism through his poetic contribution. The purpose of this study is to trace out the elements of mysticism in Shaikh Ayaz's verses.*

**ويهين** صديءَ جي عظيم سنڌي شاعر، شيخ اياز جو جنم 1923ع ۾ سنڌ جي شهر شڪارپور ۾ ٿيو. هو جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هو، ته هن شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. شيخ اياز، شروع ۾ ٻارن لاءِ به شاعري ڪئي، پر جلد ئي هن جي فڪري شاعري، هن جي سڃاڻپ بڻجي وئي. شيخ اياز، سنڌ ۽ پاڪستان جي ترقي پسند سوچ رکندڙ تخليقڪارن ۾ نمايان حيثيت رکندڙ شاعر هو. شيخ اياز جي شاعري، پيار، ڌرتيءَ سان محبت، انسان جي ڏکن دردن پيڙائن، مذهبي رواداري ۽ انسان دوستيءَ واري فڪر جي عڪاسي ڪندڙ آهي. تصوف، شيخ اياز جي شاعريءَ جو اهم پهلو آهي. جنهن ۾ تصوف جا خيال، دنيا جي صوفي بزرگن جو ذڪر ۽ سنڌ جي صوفي سرواڻن جو عقيدتمنديءَ سان اظهار، سندس شاعريءَ جي سونهن آهي.

تصوف جي معنيٰ آهي: صاف ٿيڻ، خالص ٿيڻ، نفساني خواهش کان پاڪائي، نفس جي صفائيءَ جو طريقو، صوفين جو طريقو.[(1)]

تصوف، فڪري روش جو نالو آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجي اندر جون نفساني خواهشون ۽ لالچون ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪري ٿو. جڏهن انسان لالچ ختم ڪري ٿو، ته ٻئي سان ريس ۽ جهيڙو ختم ٿي وڃي ٿو. اندر جو خوف ختم ٿيڻ سان، انسان ٻئي جو محتاج نه ٿو رهي ۽ نه ئي وري ڪنهن طرح سان ڪمزور ٿئي ٿو. لالچ، اندر جي ڪمزوري پيدا ڪندي آهي. اندر جي لالچ ۽ خوف ختم ٿيڻ سان، انسان پاڪ ۽ صاف بڻجي وڃي ٿو ۽ پوءِ ساري دنيا کي پاڪ ۽ صاف سمجهڻ لڳي ٿو. ٻين جو احترام ڪري ٿو ۽ ٻين کي پاڻ جهڙو ڀانئين ٿو. ڪنهن سان ڏاڍائي نه ٿو ڪري. انسان اڳتي وڌي ساري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معاشري کي پاڻ جھڙو صاف سٿرو بنائڻ لاءِ ڪوششون ونتي ٿو. اھڙن ئي ڳڻن واري انسان کي صوفي سڏيو وڃي ٿو.

انساني اندر مان لوڀ، لالچ، جھيڙو، فساد ۽ خوف واريون ڪيفيتون ختم ڪرڻ لاءِ تصوف وڏو ڪردار ادا ڪيو آھي. انسان ۾ مذهبي رواداري، امن، محبت، انسان دوستي ۽ عالمي ڀائيچاري لاءِ تصوف مضبوط ڳانڍاپو آھي.

تصوف جو فڪر اصحابِ صفہ ڪان شروع ٿئي ٿو. اصحابِ صفہ، نبي آخر زمان حضرت محمدﷺ جي انھن ساٿين جو گروھ ھو، جيڪي هميشہ ڪندائتا ٿي، ويھي فڪري سوچ ۾ رڌل رھندا ھئا. انتھائي سادگيءَ سان گذاريندا ھئا. اُھي اخلاق ۽ صبر ۾ پنھنجو مثال پاڻ ھئا. غريب صحابي ھئا، جن جي تعليم، تربيت ۽ رھائش جو بندوبست خود رسول اللهﷺ جن ڪندا ھئا. انھن صحابين ۾ حضرت ابوھريرهؓ، حضرت سلمان فارسيؓ، حضرت سھيب روميؓ ۽ ٻيا شامل ھئا.

## سنڌ جو تصوف:

سنڌ، صدين ڪان صوفين جي ڌرتي رھي آھي. ھيءَ دنيا جي واحد ڌرتي آھي، جنھن جي رھاڪن ڪڏھن بہ ڪنھن تي جارحاڻو حملو نہ ڪيو آھي. سنڌ، امن ۽ محبت جي ڌرتي رھي آھي. اھا محبت اوھان کي ’پريم مارگ تحريڪ‘ جي باني گورڪناٿ، رامانند، رامانج، ڪبير، نانڪ ۽ ميران تائين ملندي، پر ايتري رچي ريٽي ٿيل نہ ملندي. جيتري شاھ، سچل ۽ ساميءَ ۾ ملي ٿي. دراصل اھا ھڪٻئي سان محبت ۽ امن جي ڪيفيت ھئن کي سنڌ جي ورثي مان ملي ھئي؛ صدين جي ورثي مان ساڍا ٽي ھزار سال قبل مسيح ڪان اناويھ سؤ قبل مسيح سال تائين، اسان وٽ جنگ وجدل جو ڪوئي مثال نہ آھي. آريہ جڏھن يورپ مان ايران ڏانھن آيا. تڏھن جنگ ۾ رڌل رھيا. سنڌ ۾ پھريان 500 سؤ سال ھُو امن سان رھيا، جنھن وقت نہ ھنن ۾ caste system ھو. نہ ھنن وٽ راجا جو تصور ھو، نہ فوج ھئي، مذهب جو بہ ھنن وٽ ڪوئي واضح تصور نہ ٿو ملي. فقط City States ملن ٿيون. اھو پيار، امن ۽ ڀائپيءَ جو دور ھو. خوشحاليءَ جو دؤر ھو.[2]

سنڌ ۾ چئن ئي اسلامي مسلڪن قادري، چشتي، سھروردي ۽ نقشبنديءَ جا پوئلڳ موجود رھيا آھن. سنڌن پنھنجو پنھنجو مسلڪ رھيو آھي. تنھن ھوندي بہ سڀن لاءِ احترام، سڀ جا خير خواھ رھيا آھن. ڪڏھن بہ فرقيواريت ۽ مذهبي مت ڀيد، سنڌ





جي صوفين ۾ نہ رھيو آھي. سنڌ جي جدا مسلڪن جا پوئلڳ مسلمانن جي احترام سان گڏوگڏ غير مسلم جا بہ خير خواھ ۽ احترام ڪندڙ رھيا آھن. سماجي رسم رواج ۾ بہ مسلمانن سان گڏ غير مسلم بہ گڏ گڏ رھيا آھن. ايتري تائين جو شادين ۽ غمين ۾ بہ ھڪٻئي جا ھمدرد ۽ ساٿي رھيا آھن.

سنڌ جي صوفي بزرگن جون اڪثر درگاھون قادري طريقي وارن بزرگن جون آھن، جنھن ۾ شاھ عنايت شھيد، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ بيدل سائين اچي وڃن ٿا. انھن جي درگاھن تي صوفي سماع (راڳ) ٿيندو آھي، جڏھن تہ قادري طريقي ۾ صوفي راڳ يا ڪنھن بہ قسم جي راڳ جي منع ٿيل آھي. ھي سنڌ جي ڌرتي آھي ۽ ھي سنڌ جو تصوف آھي، جِتي سڀ مسلڪ گڏ ٿين ٿا، مسلم ۽ غير مسلم ۾ بہ ڪا جدائي نہ آھي. سنڌ جي صوفي بزرگن شاھ عنايت شھيد، سچل سرمست، شاھ نصير ۽ ٻين درويشن جي اڳڻ تي مسلمانن سان گڏ غير مسلم عقيدتمندن جون تربتون بہ آھن، جن ۾ ڪٿي انھن جي رک دفن ٿيل آھي، تہ ڪٿي وري انھن جا جسم دفن ٿيل آھن. اڄ تائين اُتي ھر مذھب جا ماڻھو گڏجن ٿا ۽ عقيدتمنديءَ جي گلن جي ورڪا ڪن ٿا.

اسان سنڌ وارن ازل ڪان اياز
ڪنھين لاءِ مندي سمائي نہ من ۾

اھو آھي اڄ تائين، انھيءَ مٽيءَ جو پيغام، جنھن شاھ لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ جھڙا عظيم شاعر پيدا ڪيا آھن، جن جي نالن ڪان دنيا ۾ ٿورا واقف آھن، پر سنڌن امن ۽ پيار جي پيغام سان اڄوڪي دنيا گونجي رھي آھي.[3]

## شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ تصوف جو فڪر:

شيخ اياز، ھوندئن تہ جديد سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان تمام وڏو شاعر آھي، پر ھن پنھنجي شاعريءَ ۾ انسان جي ڪاميابي ۽ انساني احترام جي ڳالھ بہ ڪئي آھي. تصوف جي فڪر جا ڪيترائي خيال، شيخ اياز جي شاعري ۾ موجود آھن. سنڌ جي صوفي شاعرن جي شاعريءَ ۾ وحدت الوجود وارو فڪر وڌيڪ نمايان آھي ۽ شيخ اياز بہ ساڳئي فڪر کي پنھنجو سمجھي، ان فڪر کي شاعريءَ جي روپ ۾ ظاھر ڪيو آھي. صوفي سوچ رکندڙ ھر ھڪ انسان دوست شاعر لاءِ، منصور حلاج آئيڊيل شخصيت رھيو آھي. منصور جو نعرو ’انا الحق‘ ۽ منصور جي شھادت دنيا لاءِ انوکا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مثال آهن. اهو ئي سبب آهي جو قديم شاعرن کان اڄ جي جديد شاعرن تائين، منصور حلاج لاءِ ڪين احترام ۽ عقيدت رهي آهي. شيخ اياز به پنهنجي شاعريءَ ۾ منصور حلاج جي موت ۽ سندس نعري ”انا الحق“ کي علامتي انداز سان، سهڻي تشبيهه ڏيندي ڪيس ياد ڪيو آهي. منصور جي سچ تي هجڻ ۽ ان تي قائم رهڻ کي، شيخ اياز به ساراهيو آهي:

صديون گذري ويون
پر اڄ به منهنجي اکين اڳيان ڦري رهيا آهن
منصور جا چپَ
جي انا الحق چوندي ٻوٽجي ويا ها
چپَ
جن سچ کي ايئن چُميو هو
جيئن پئونر سانجهيءَ جو سورج مکيءَ کي چُمي
ان جي ٻوٽجندڙ پتين ۾
ٻوساٽجي مرندو آهي،
اي اجنبي چُمي!
معلوم نه آهي ته ڪڏهن تون
منهنجا چپَ بند ڪري ڇڏيندينءَ؟(4)

شيخ اياز به اهو شاعر هو، جنهن تي ڪفر ۽ دهريت جون فتوائون لاڳو ڪيون ويون هيون. هر صوفي شاعر تي اهڙيون فتوائون پنهنجي پنهنجي وقت ۾ لڳنديون رهيون آهن. صوفي خيال وارا شاعر، پنهنجي سماج ۾ رائج هر ڪوڙ جو انڪار ڪندا آهن، جنهن ڪري ڪوڙ تي محل اڏيندڙ ڏريون سندن خلاف ٿي ويندون آهن. شيخ اياز به هن شعر ۾ چنڊ کي علامت بڻائي اهڙو اظهار ڪري ٿو:

ماٺهو مون تي ڪفر جون فتوائون ٿا ڏين
اي سانوڻ جي گهٽائن ۾ ڇپي ويندڙ چنڊ!
ڇا توکي به منهنجي ڪفر سان شڪايت آهي؟(5)

زره پائي، پنهنجي عيبن کي لڪائڻ واري علامت، شيخ اياز ڏاڍي فنائتي نموني سان پيش ڪئي آهي:





ڇا تون زره پائي اهو سوچي رهيو آهين ته مان
تنهنجي اندر جو ناسور ڏسي نٿو سگهان؟(6)

الله جا پيغمبر، انسان جي هدايت لاءِ مقرر ڪيا ويا، جن پوري سچائيءَ سان پنهنجو فرض پورو ڪيو ۽ دنيا کي حق ۽ سچ جو پيغام پهچائي ويا. اهو انسانن تي ڇڏيل آهي ته، هُو ان تي ڪيترو عمل ڪن ٿا. شيخ اياز ان ئي پس منظر کي نظر ۾ رکندي، پيغمبرن جي پيغام پهچائڻ جي ڳالهه پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪئي آهي. انسان هن دنيا ۾ ته هڪ مقرر وقت تائين موجود رهي ٿو، ان مقرر وقت جي به انسان کي خبر نه آهي ته، اهو سندس لاءِ مقرر وقت ڪيترو آهي؟! ان جي باوجود انسانُ، انسانَ کي تنگ ڪري ٿو، ڦر لُٽ ڪري ٿو. مال ميڙي ٿو، پنهنجي خدا جو خوف نٿو ڪري ۽ نه ئي موت کي ياد ڪري ٿو. ان ئي پس منظر کي شيخ اياز، پنهنجي شاعريءَ ۾، لفظن جو روپ هن طرح ڏنو آهي:

آدميءَ کي راهه پيغمبر ته ڏيکاري ويا
سچ سيکاري ويا
پو به هرڪو ايئن لڳي ٿو ڄڻ ته مرڻو ڪونه آ!
ڄڻ ته پرڻو ڪونه آ
ڏن هِن کي موت جو
موت جنهن سونگي وٺي، ڪنهن کي نه آ پيهر ڏٺو
جنهن فقيريءَ ۽ اميريءَ کي حقارت سان ڏسي
ناهه ڪا پرواهه ڪئي.(7)

صوفي، وحدانيت جو قائل ٿيندو آهي. هو پنهنجي رب کي وحده لا شريڪ له ڪري مڃيندو آهي. ۽ سندس اهو پختو يقين هوندو آهي ته هيءَ ڪائنات ان هڪ ئي مالڪ جي ارادي سان جڙي آهي. هر شيءِ ، مالڪ حقيقي جي ”ڪن“ چوڻ سان نهي آهي. شيخ اياز ان حقيقت کي هن طرح شاعريءَ جو روپ ڏئي ٿو:

”ڪُن“ چيائين، بي چئي
ڪائناتون ٿي وئي!(8)

صوفي شاعرن لاءِ حُسن، حقيقي محبت جو محرڪ رهيو آهي. حُسن کي دل جي حضور سان ڳايو ويو آهي. اُهو حسن ڪڏهن ڪين مجازي محبوب ۾ نظر آيو آهي،

ڪڏهن ڪائنات ۾، ڪڏهن الله جي پياري ۽ محبوب نبيﷺ ۾ ۽ ڪڏهن خود خدا ۾، اُهو حسن ڪين محسوس ٿيو آهي. ”الله جميلٌ ويحُب الجمالُ“ (الله حَسين آهي ۽ حُسن سان پيار ڪندو آهي). ان ازلي حُسن کي شيخ اياز، هن طرح سان اظهاريو آهي:

تون ازلَ جو حُسن آهين جو مجسم آ ٿيو انسان ۾
”ڇا تہ رمر جهمر آ ٿيو انسان ۾!“[9]

## شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ تصوف جا مفڪر:

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ سنڌ سميت دنيا جي صوفي مفڪرن جو ذڪر موجود آهي، جن کي شيخ اياز ڏاڍي محبت ۽ عقيدت سان پنهنجي شاعريءَ ۾ ياد ڪيو آهي.

## منصور حلاج:

منصور حلاج، صوفين جو آدرشي ڪردار آهي، جنهن جو جنم 849ع ۾ ٿيو. عباسي خليفي المقتدر جي ڏينهن ۾ 26 مارچ 922ع تي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو.[10]

منصور حلاج، جنهن ’انا الحق‘ جو نعرو هنيو، جنهن کي ان نعري هٽڻ جي ڏوهہ ۾ ڦاهيءَ چاڙهي، بعد ۾ ساڙي، اُن جي رک دجلا درياهہ حوالي ڪئي وئي. منصور حلاج جي ڪردار کان شيخ اياز بہ متاثر نظر اچي ٿو. شيخ اياز، منصور حلاج جي ڦاسيءَ ۽ ان جي نعري ’انا الحق‘ جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح ڪيو آهي.

تون هٽين منصور جئن نعرو وري ڦاهي چڙهي
جو هنيو ڏاهي ڪڙهي
آنءُ انا الحق آهيان، حق! تون مون کان سوا.[11]

## شيخ فريد الدين عطار:

فريد الدين عطار 513هہ ۾ نيشاپور - ايران ۾ پيدا ٿيو.[12] فريد الدين عطار، منگولن جي لشڪر هٿان شهيد ٿيو هو. هي صوفي شاعر هو. سندس مثنويون، منطق الطير ۽ وحدت نامہ تمام گهڻيون مشهور آهن. شيخ اياز، فريد الدين عطار کي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ياد ڪيو آهي ۽ سندس شاعريءَ ۾ عطار جي مثنوي منطق الطير جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

هيءَ جهرڪي
جا منهنجي اڱڻ ۾ چُوٽو چڳي رهي آهي





مون کان وڌيڪ مسرور آهي
جنهن ’عطار‘ جو منطق الطير پڙهيو آهي؛
۽ خدا کي بہ وڌيڪ ويجهي آهي[13]

دنيا جي عظيم صوفي شاعرن ۽ مفڪرن، با يزيد بسطامي، رابعہ بصري، مولانا جلال الدين رومي، حافظ شيرازي، عمر خيام، شمس تبريز، سرمد ۽ دارا شڪوهہ کي بہ شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏاڍي عزت پرئي اظهار سان ياد ڪيو آهي. شيخ اياز گهڻ پڙهيو شاعر هو، جنهن جي مطالعي ۾ دنيا جي جديد ادب سان گڏوگڏ دنيا جو ڪلاسيڪل ادب بہ رهيو هو. شيخ اياز دنيا جي ادب جي تاريخ ۽ تصوف کان بہ بخوبي واقف هو. اهو ئي سبب آهي جو شيخ اياز دنيا جي وڏن صوفي شاعرن ۽ مفڪرن کي نهايت ئي احترام ۽ چاهہ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ ياد ڪري ٿو. مولانا جلال الدين روميءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح ياد ڪري ٿو:

آدميءَ ۾ آدمي مون ڳوليو، پر ڪونہ هو!
آنءُ روميءَ جيئن هُنَ کي ڦوليو، پر ڪونہ هو![14]

بايزيد بسطامي ۽ رابعہ بصري کي پنهنجي شاعريءَ ۾ شيخ اياز هن طرح سان ياد ڪري ٿو:

نندڊ تي توکي اچي اي بايزيد!
ڪنهن بہ مرشد يا مريد
ڇا عبادت هِئَن نہ ڪئي آ؟
دُور راتين جي رئي آ
چنڊ منهنجي ساٿ آهي، باک تي آ
رابعا بصري ڪڙي آ
۽ چوي ٿي ڪير هِئَن نغمات ۾ گم ٿي ويو آ[15]

شيخ اياز، جديد فڪر جو شاعر آهي، ان ڪري سندس انداز بہ نرالو ۽ منفرد آهي. دارا شڪوهہ، ميان مير سنڌيءَ جو معتقد هو ۽ مٿس تصوف جو تمام گهڻو اثر هو. اوليا الله سان عقيدت رکندو هو. سندس مشهور ڪتاب سفينة الاولياء آهي. ان دارا شڪوهہ کي، اقتدار جي لالچ خاطر پنهنجي ڀاءُ اورنگزيب مارائي ڇڏيو. ان لاءِ شيخ اياز جون چيل سٽون هن طرح آهن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

راتِ اورنگزيب جي تلوار آ
چنڊ دارا جو مٿو
نيڻ آهي جو لٽو
سِر جدا ڌڙ ڌار آ. (16)

## سنڌ جي صوفي شاعرن بابت شيخ اياز جي شاعري:

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي سمورن صوفي ۽ ويدانتي شاعرن جو ذڪر ملي ٿو. شيخ اياز، سنڌ جي صوفي شاعرن کي ڏاڍي عقيدتمنديءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهاريو آهي. سنڌ جي عظيم صوفي شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ لاءِ ته شيخ اياز کي هميشه عقيدت ٿي رهي. ان جي فڪر ۽ فلسفي کي هميشه احترام جي نظر سان ڏسندو رهيو ۽ مرڻ کانپوءِ به ان جي پير ۾ رهڻ جو خواهشمند هو، جيڪا سندس خواهش پوري ڪئي وئي ۽ شيخ اياز جي تربت اڄ به ڀٽ شاهه تي ڪراڙ ڍنڍ جي ڪناري تي موجود آهي:

جَرَ ۾ ٿو جرڪان، ڳائي تُنهنجا گيت مان
مري شال مرڪان، ڀٽائيءَ ڀيڙو وجي! (17)

شيخ اياز، سچل سرمست جي شاعريءَ ۽ عظمت جو به قائل رهيو آهي. شيخ اياز، پنهنجي شاعري توڙي نثر ۾، سچل سرمست جي مانَ مرتبي ۽ صوفياڻي فڪر کي تمام گهڻو ساراهيو آهي، سچل سائينءَ جي بيباڪيءَ ۽ سچائيءَ کي شيخ اياز ڏاڍو واکاڻيو آهي:

سچل سرمست جهومي رهيو آهي
درازا جي دز جهومي رهي آهي
ويساک جو چنڊ جهومي رهيو آهي
۽ خدا آڪاس جي آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڏسي رهيو آهي
۽ سوچي رهيو آهي
ته مان انسان جي ويس ۾ ڪهڙو نه وڻندڙ ٿو لڳان. (18)

۽ شيخ اياز، سچل سائينءَ جي فڪري عظمت لاءِ هيئن به چيو:

آءَ درازا هلُ
تُنهنجا سارا مولوي





مُنهنجو هڪ سچل! (19)

شيخ اياز، سچل سائينءَ جي پياري طالب ۽ صوفي شاعر فقير نانڪ يوسف کي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح اظهاريو آهي:

سچل ٿو ڳولي
درازا جي دز ۾
نانڪ يوسف کي (20)

شيخ اياز، پنهنجي شاعريءَ ۾ بُلا شاهه، سلطان باهو، خواجه فريد، مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت شهيد کي به انتهائي احترامَ سان لفظن جي ڀيٽا ڏني آهي. شيخ اياز جي شاعري ۽نثر، انهن صوفي شاعرن ۽ درويشن جي زندگي، ڪردار ۽ عظمت سان ڀريل آهي. مخدوم بلاول جنهن کي گهاڻي ۾ پيڙيو ويو ۽ شاهه عنايت شهيد، جنهن کي دوکي سان شهيد ڪيو ويو. سنڌ جي انهن ٻنهي درويشن ۽ صوفين کي، شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ هنن لفظن ۾ ياد ڪيو آهي:

وقت گهاڻي جئن بلاول ڪيترا پينهين چڙهي ٿو
وقت جي جهوني اڏيءَ تي ڪيترائي ٿا عنايت سِر ڏين
زندگي آخر ڏين
ڇوٽڪارو ايئن پائن ٿا پيا
ڪنڌ نوڙائي ڪپائن ٿا پيا. (21)

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾، سنڌ جي صوفين جي ماڳن لاءِ به عقيدت ۽ احترام ملي ٿو:

ٻلڙي توڙي جهوڪ، هي به ته منهنجي پنڌَ ۾
راهه نه ڪائي روڪَ، ڪُهه جاٽان ڪاتي پُڄي! (22)

شيخ اياز، سنڌ جي عظيم جديد شاعر هجڻ سان گڏ، وڏو مفڪر به هو. سندس شاعري فڪري طور تي بلندين کي ڇهي ٿي. دنيا جي تصوف ـ سنڌ جي تصوف، صوفي شاعرن ۽ صوفي مفڪرن جي فڪر کان شيخ اياز ڀليءَ ڀت واقف هو. هُو گهڻ پڙهيو شاعر هو، جنهن دنيا جو سير سفر به ڪيو ۽ دنيا جي صوفي بزرگن جي خانقاهن کي به ڏٺو. دنيا جي حقيقتن، دنيا جي سياسي سماجي، مذهبي تاريخ کي شيخ اياز خوب پڙهيو هو. اهو ئي سبب آهي جو شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ تصوف ۽ صوفي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاعرن لاءِ احترام موجود آهي. تصوف جي سچائي سندس شاعريءَ ۾ موجود آهي ۽ تصوف جي فڪر کي شيخ اياز، انسان جي ڀلائيءَ لاءِ هڪ بهتر واٽ سمجهيو.

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش، خان، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘ (جلد ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، 1981ع، ص: 611.
2. جويو، تاج، ’آءُ درازا هل‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 74
3. ساڳيو، ص: 77.
4. شيخ، اياز، ’پتڻ ٿو پور ڪري‘، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، 1990ع، ص: 41.
5. ساڳيو، ص: 65.
6. ساڳيو، ص: 65.
7. شيخ، اياز، ’ڇوليون ڀوليون سمنڊ جون‘، مڪتبہ دانيال، ڪراچي، 1993ع، ص: 46.
8. ساڳيو، ص: 263.
9. ساڳيو، ص: 44.
10. سومرو، نصير، ’منصور حلاج صوفي مت جو اهڃاڻ‘ (تبصرو)، عوامي آواز، سنڊي مئگزين، ڪراچي، 30 مارچ، 2014ع.
11. شيخ، اياز، ’ڇوليون ڀوليون سمنڊ جون‘، مڪتبہ دانيال، ڪراچي، 1993ع، ص: 47.
12. شيخ، فريد الدين، عطار، نيشاپوري، ’منطق الطير‘، باتصحيح و مقدمہ: احمد خوشنويس عماد، ڪتاب خانہ سنائي، ص: 34.
13. شيخ، اياز، ’ڇوليون ڀوليون سمنڊ جون‘، مڪتبہ دانيال، ڪراچي، 1993ع، ص: 62.
14. ساڳيو، ص: 283.
15. ساڳيو، ص: 82.
16. ساڳيو، ص: 276 ۽ 277.
17. شيخ اياز، اُڀر چند پس پرين، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، 1990ع، ص: 84.
18. جويو، تاج، ’آءُ درازا هل‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 23.
19. ساڳيو، ص: 23.
20. ساڳيو، ص: 23.
21. شيخ، اياز، ’ڇوليون ڀوليون سمنڊ جون‘، مڪتبہ دانيال، ڪراچي، 1993ع، ص: 269.
22. شيخ اياز، اُڀر چند پس پرين، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، 1990ع، ص: 93.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair